# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1982
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1982
# سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982
# THE SIND UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title and commencement

2. سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV مجريہ 1972 جي دفعہ 14 ۽ 23 ۾ ترميم

Amendment of Sections 14 and 23 of Sind Acts XXIV of 1972

3. سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ16 ۽ 28 ۾ ترميم

Amendment of Sections 16 and 28 of Sind Acts II and IV of 1977

4. سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ 16۽ 28 ۾ ترميم

Amendment of Section 16 of Sind Act V of 1977

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1982
# SINDH ORDINANCE NO.II OF 1982
# سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982
# THE SIND UNIVERSITIES LAWS (AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

[13 فيبروري 1982]

آرڊيننس جنهن سان سنڌ جي يونيورسٽيز ۾ نافذ العمل ڪيترن ئي ايڪٽس جي دفعات ۾ شقن کي تبديل ڪيو ويندو.

تمهيد (Preamble)

هن آرڊيننس جي ذريعي سنڌ جي يونيورسٽين ۾ نافذ العمل ڪيترن ئي ايڪٽس جي دفعات ۾ شقن کي تبديل ڪرڻ مقصود آهي.

جنهن کي هيٺين طريقي سان تبديل ڪيو ويندو.

ان ڪري هاڻي 5 جولائي 1977 جي اعلان ۾ وقتي آئين 1981 جي حڪم جي تعميل ۾ گورنر سنڌ خوشيءَ سان هن آرڊيننس کي ناهي نافذ فرمائي ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات Short Title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ يونيورسٽيز لاز (ترميم) آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي في الفور نافذ ٿيندو.

سنڌ ايڪٽ XXIV ۽ XXV مجريہ 1972 جي دفعہ 14 ۽ 23 ۾ ترميم Amendment of Sections 14 and 23 of Sind Acts XXIV of 1972

2. يونيورسٽي آف سنڌ ايڪٽ، 1972 ۽ يونيورسٽي ڪراچي ايڪٽ، 1972 ۾:-

(a) دفعہ 14 جي ذيلي دفعہ (4) جي شق (ix) جو هيٺيون متبادل هوندو.

"(ix) قومي پي اسڪيل جي سمورن گريڊن 1 کان 16

تائين آسامين تي مقرري ڪرڻ. "

(b) دفعہ 23 جي ذيلي دفعہ (2) جي شق (r) جو هيٺيون متبادل هوندو.

"(r) سليڪشن بورڊ جي سفارش تي قومي پي اسڪيل ۾ 17 گريڊ ۽ ان کان مٿي گريڊ تي مقرري ڪرڻ. "

3. N.E.D يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ايڪٽ 1977 ۽ مهراڻ يونيورسٽي ايڪٽ، 1977

سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ16 ۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Sections 16 and 28 of Sind Acts II and IV of 1977

(a) دفعہ 16 جي ذيلي دفعو 2 جي شق (m) ۾ لفظ "پنج سئو کان مٿي بنيادي پگهار کڻڻ" جي جاءِ تي"قومي پي اسڪيل جي گريڊ 17 يا ان کان مٿي واري گريڊن ۾ " سان متبادل هوندو.

(b) دفعہ 28 ۾ شق (vi) ۾ لفظ " هڪ مهيني جي لاءِ بنيادي پگهار وٺڻ""جيڪو پنج سئو کان ٿيپي نہ وجي" کي لفظن ۾ عددن "نيشنل پي اسڪيل جي سمورن گريڊن ۾ 16 گريڊ تائين"سان متبادل ڻاهيو ويندو.

4. سنڌ ايگريڪلچرل يونيورسٽي ايڪٽ 1977

سنڌ ايڪٽ II ۽ IV مجريہ 1977 جي دفعہ 16۽ 28 ۾ ترميم
Amendment of Section 16 of Sind Act V of 1977

(a) دفعہ 16 جي ذيلي دفعہ 2 جي شق (k) ۾ لفظ "پنج سئو رپين کان مٿي بنيادي پگهار کڻڻ" جي جاءِ تي"قومي پي اسڪيل 17 يا ان کان مٿي جي گريڊن " جا لفظ ۽ انگ متبادل هوندا.

(b) دفعہ 28 ۾ شق (vi)۾ لفظ " هڪ مهيني جي لاءِ بنيادي پگهار جيڪا پنج سئو کان مٿي نہ هجي " ان جي جاءِ تي"نيشنل پي اسڪيل جي سمورن گريڊن ۾ 16 گريڊ تائين " جي لفظن ۾ انگن سان متبادل بڻايو ويندو.

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي، جنهن کي ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**